


# آخرت جو فِڪر
# ڪرڻو آهي ضرور

17-November-2022

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

17نومبر، 2022ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آخرت جو فِڪر ڪرڻو آهي ضرور

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... دنياوي فِڪرن ۾ رهڻ هلاڪت جو سبب آهي

✿... ”ڊگهي اميد“ اجوڪي دور جو وڏو مسئلو آهي

✿... انسان، موت ۽ اُميد جو مثال

✿... ٽي حيرت ناڪ ماڻهو

✿... فِڪرِ آخرت جي متعلق دعاءِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دُرود شريف جي فضيلت

حضرت ابو حفص ڪاغذي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا سردار هئا، سندن انتقال ڪان بعد ڪنهن سندن کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله پاڪ رحم فرمايو، مون کي بخشي ڇڏيو ۽ جنّت عطا فرمائي ڇڏي. خواب ڏسڻ واري پڇيو: ڪهڙي سبب؟ فرمايائون: بارگاهِ الٰهي ۾ منهنجي حاضري ٿي، منهنجو حساب ورتو ويو، ملائڪن کي حڪم ٿيو: هن جا گناه ڳڻيو! ملائڪن گناهن جي ڳڻپ ڪئي. وري حڪم ٿيو: هن دنيا ۾ اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي جيڪي درود شريف پڙهيا آهن، انهن جي ڳڻپ ڪيو! ملائڪن منهنجا پڙهيل درود شريف شمار ڪيا. بَس منهنجا پڙهيل درود شريف منهنجي گناهن ڪان وڌيڪ نڪتا. جيئن تہ الله پاڪ فرمايو: بَس! اي ملائڪو ڪافي آهي. هن جو وڌيڪ حساب نہ ڪيو! هن کي اسان جي جنّت ۾ وٺي وڃو...!

(القولُ الْبدِيْع،صفحہ:124)

| | |
|---|---|
| قربِ خُدا ہو حاصِل جنت میں ہو وہ داخل | جس نے لکھا پڑھا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| جانے بھی دے اِرم کو رِضوان نہ روک ہم کو | سینے پہ لکھ لیا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |
| جنت مقام ہو گا دوزخ حرام ہو گا | گر دل پہ لکھ لیا ہے صَلِّ عَلٰی مُحَمَّد |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.(1)

**اي عاشقانِ رسول!** سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس۞ بيان دروان سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انسان کي اهو ڪجھ ملندو جيڪو اڳتي موڪليو هوندو

هڪ ڀيري عمر بن عبد العزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه خليفي سليمان بن عبدُالملڪ سان گڏ ڪنهن سفر جي لاءِ روانا ٿيا (اڳي جي دور ۾ اُنن ۽ گهوڙن وغيره تي سفر ڪيو ويندو هو ۽ خادمن جي ذريعي خيما ۽ ضروري سامان پهريان ئي مَنزل تي پهچايو ويندو هو ته جيئن اتي پهچڻ کان پهريان خيما تيار هجن)، بهرحال خليفو سليمان بن عبدُ الملڪ ۽ ٻين ماڻهن پنهنجا خيما اڳتي موڪلي ڇڏيا پر حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه جن پنهنجو سامان ۽ خيمو پهريان کان ئي اڳتي نه موڪليو. جڏهن مَنزل تي پهتا ته هر شخص پنهنجي خيمي ۾ هليو ويو.

پر حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْه ڪٿي نظر نه اچي رهيا هئا، خليفي خادمن کي چيو: وڃو! ڪيس تلاش ڪيو...!! تلاش ڪيو ويو ته پاڻ هن حال ۾ مِليا جو هڪ وڻ جي هيٺان ويهي زارو قطار روئي رهيا آهن. خليفي کي اطلاع

1... مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

ڏني وئي، ان پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي گهرائي ڪري پڇيو: اي ابو حفص (عمر بن عبدُ العزيز)! اوهان ڇو روئي رهيا آهيو؟ حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه آخرت جي فڪر سان ڀَريل، نصيحت ڀَريو جواب ڏنو، فرمايائون: مون کي قيامت جو ڏينهن ياد اچي ويو. ڏسو! (توهان سيني خيما پهريان کان ئي موڪليا هئا، توهان ايندي ئي پنهنجي پنهنجي خيمي ۾ هليا ويا پر) مون گهران ڪا شيءِ اڳتي نه موڪلي هئي، ان ڪري مون کي هتي ڪجھ نه مليو، قيامت ۾ به اهو ئي حال هوندو، جنهن جيڪو ڪجھ اڳتي موڪليو هوندو، ان کي اهوئي ملندو.

(سيرة عمر بن عبد العزيز لابن عبد الحكم،صفحه:27)

ہائے حُسنِ عمل نہیں پلّے
حَشر میں میرا ہوگا کیا یارَبّ!

آہ! طُغیانیاں گناہوں کی
پار نیّا مِری لگا یارَبّ!

گرمیِ حَشر، پیاس کی شِدَّت
جامِ کوثر مجھے پِلا یارَبّ!

خوفِ دوزخ کا آہ! رحمت ہو
خاکِ طیبہ کا واسطہ یارَبّ!

میرا نازُک بدن جہنّم سے
از طفیلِ رضا بچا یارَبّ!

کردے جنّت میں تُو جَوار اُن کا
اپنے عطّار کو عطا یارَبّ!

(وسائلِ بخشش،صفحہ:79 تا 81 ملتقطًا۔)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## منهنجو حشر ۾ ڇا ٿيندو يا الٰهي!

اي عاشقانِ رسول! واقعي حقيقت اها ئي آهي. هيءَ دنيا اسان جو هميشه رهڻ وارو نڪاڻو ناهي. دنيا آخرت جي پوک آهي. هتي اسان جيڪو پوکينداسين، اهو ئي آخرت ۾ لُڻنداسين. هاءِ! عنقريب اهو وقت بس اچڻ وارو ئي آهي، جڏهن حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام تشريف کڻي ايندا، اسان لک ڪوششون ڪيون،

هٿ پير هڻون، ڪجهه بہ ڪيون، اهي اسان جو روح قبض ڪندا، هاءِ افسوس! پوءِ جلدئي اسان کي اونداهي قبر ۾ اڪيلو لاٿو ويندو، نہ ڪو ساٿي، نہ ڪو حال احوال پڇڻ وارو...!! اونداهي قبر ۾ قيامت تائين اڪيلو رهڻو پوندو، پوءِ قيامت جو اهو هولناڪ منظر...!! ٽامي جي تَتَل زمين، باهہ وَسائيندو سج، ماڻهو پنهنجي ئي پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا، اُڃ جي شدت سان زبان لڙڪي ڪري سيني تي اچي رهي هوندي، جگر وات ۾ اچي رهيو هوندو، پوءِ اسان جو اعمالنامو اسان جي هٿ ۾ پڪڙايو ويندو، قهر ڪي منهن ڏيڻو پوندو، هاءِ افسوس! ان وقت سڀ ڪيل سامهون اچي ويندو.

اي عاشقانِ رسول! ٿورو تصور تہ ڪيو! ان وقت اعمال نامو نيڪين کان خالي ڏسي ڪري ڪيتري حيرت ٿيندي...!! پوءِ خيال ايندو: هاءِ! افسوس! مون تہ زندگي راند روند ۾ گذاري ڇڏي، آخرت جي لاءِ تہ ڪجهہ جمع ئي نہ ڪيو، مون کي فڪر هو تہ صرف مال ڪمائڻ جو، نيڪيون ڪمائڻ جي لاءِ تہ فرصت ئي نہ ملي، مون کي ڪارون خريد ڪرڻ، بنگلا نهرائڻ جو تہ فڪر هو، جنّت ۾ محل نهرائڻ جو تہ فڪر ئي نہ ڪيو. هاءِ! افسوس! سوشل ميڊيا، فيس بُڪ، يوٽيوب وغيره تي گناهن ڀريا ڪم ڪرڻ جي لاءِ تہ تمام گهڻو وقت هو، نماز ۽ تلاوت ۽ نيڪ اعمال جي لاءِ ڪڏهن فرصت ئي نہ ملي، آفيس وڃڻ جي لاءِ تہ اک کلي ويندي هئي، نمازِ فجر جي لاءِ اٿڻ جي توفيق نہ ٿيندي هئي، هاءِ! زندگي بس دنيا جي عارضي، فاني، ڪجهہ ڏينهن مستقبل بڻائڻ جي فڪر ۾ ئي گذري وئي، آخرت بہ اچڻي آهي، ربَّ جي بارگاهہ ۾ حاضري بہ ٿيڻي آهي، زندگي جي هڪ هڪ عمل جو جواب بہ ڏيڻو آهي، ان جي باري ۾ تہ ڪڏهن سوچيو ئي نہ هو، ها! قبرستان کان گذر ٿيندو هو پر دل ۾ غفلت جمائي، مٿو جهڪائي ڪري چپ چاپ گذري ويندو هيس، جنازن ۾ شرڪت جا موقعا بہ ملندا هئا پر انهن کان عبرت ڪڏهن نہ ورتي، پاڙي ۾، پنهنجي دوست احباب،

عزيز رشتيدارن بلڪ پنهنجي گهر مان به جنازو ڪڍندي ڏٺو هو پر مون کي ڪڏهن مرڻو آهي ان جو ته ڪڏهن خيال ئي نه آيو هو. هاءِ! زندگي غفلت ۾ گذاري ڇڏي، هاڻي اعمالنامو خالي آهي. ڪاش! مون دنيا ۾ فڪر ڪيو هجي ها، ڪاش! نيڪ عملَ ڪيا هجن ها، ڪاش! نمازون پڙهيون هجن ها، ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! ٻڌو! قرآن ڪريم ڇا چئي رهيو آهي:

يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ﴿۲۴﴾

(سيپارو: 30، سورة فجر: آيت: 24)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ڪاش! جو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ (ڪا نيڪي) اڳتي موڪلي هجي ها.

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو سوچيو ته سهي...!! قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن ايئن ٿي ويو ته ڇا ٿيندو. هاڻي وقت آهي، اڄ آخرت جو فڪر ڪيو، اڄ قبر جڳمڳائڻ جو فڪر ڪيو، قبر ۾، حشر ۾، پُل صراط تي ڪاميابي ماڻڻ جي لاءِ الله پاڪ جي حضور جهڪي وڃو، روئي روئي ڪري توبهه ڪيو، گناهن کي ڇڏي ڪري الله پاڪ جي رضا وارا ڪم ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃو.

مٹا دے ساری خطائیں مِری مٹا یارَبّ! بنا دے نیک بنا نیک دے بنا یارَبّ!

اندھیری قبر کا دِل سے نہیں نکلتا ڈر کروں گا کیا جو تُو ناراض ہو گیا یارَبّ!

گنہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں کرم سے بخش مجھ کو نہ دے سزا یارَبّ!

رِہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے تِرے حبیب کا دیتا ہوں واسطہ یارَبّ!

میں کرکے توبہ پلٹ کر گُناہ کرتا ہوں حقیقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا یارَبّ!

(وسائلِ بخشش،صفحہ:78 ملتقطًا۔)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا کي آخرت تي ترجيح نہ ڏيو!

سيپاري: 25، سورة شوريٰ، آيت: 20 ۾ اللّٰہ پاڪ ارشاد فرمايو:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿۲۰﴾
(سيپارو: 25، سورة شوريٰ، آيت: 20)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو آخرت جي پوک گهري ٿو تہ اسان ان جي لاءِ ان جي پوک ۾ اضافو ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ جيڪو دنيا جي پوک چاهي ٿو تہ اسان ان کي ان مان ڪجھ ڏئي ڇڏيندا آهيون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو حصو ناهي.

صحابيءِ رسول، سلطانُ المُفسرين حضرت عبد اللّٰہ بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہ هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: جيڪو بانهو دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏي (مثال طور: دنيا جي مستقبل جو تہ فڪر ڪري پر آخرت ۾ ڪاميابي جو فڪر نہ ڪري) ان جي لاءِ آخرت ۾ ڪو حصو ناهي، ها! ان جي لاءِ جهنّم آهي. گڏوگڏ هي وبال بہ تہ (دنياوي مُستقبل جي لاءِ) ان جي فڪرن جو ڪجھ نتيجو نہ نڪرندو، ان کي دنيا ۾ صرف اهو ڪجھ ڏنو ويندو، جيڪو پهريان کان لکجي چڪو آهي.
(تفسير درّ منثور،پاره:25، سورة شوریٰ، زيرِ آيت :20، جلد:7، صفحہ:343۔)

## دنياوي فڪرَ ڇڏيو! آخرت جي لاءِ فارغ ٿي وڃو!

صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي، اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن سيپارو: 25، سورة شوريٰ جي هيءَ آيت تلاوت فرمائي:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ
(سيپارو: 25، سورة شوريٰ، آيت: 20)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو آخرت جي پوک گهري ٿو تہ اسان ان جي لاءِ ان جي پوک ۾ اضافو ڪري ڇڏيندا آهيون

پوءِ فرمايائون: الله پاڪ فرمائي ٿو: اي ابنِ آدم! (دنياوي فڪرَ ڇڏي ڪري) عبادت جي لاءِ فارغ ٿي وڃ! تنهنجي سيني کي مالداريءَ سان ڀريو ويندو ۽ جيڪڏهن تون ايئن نہ ڪندي (مثال طور دنياوي فڪرن ۾ لڳو رهندي، صرف دنياوي مُستقبل جو ئي سوچيندو رهندي) تہ تنهنجي دل کي مصروفيتن (مثال طور دنياوي مشغوليات) سان ڀريو ويندو.

(ابنِ ماجہ،ڪتاب :الزہد، صفحہ:668 ،حديث:4107 ملتقطًا۔)

## دنياوي فڪرن ۾ رهڻ هلاڪت جو سبب آهي

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْہ کان روايت آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن پنهنجي تمام فِڪرن کي صرف هڪ فِڪر يعني آخرت جو فڪر بڻائي ڇڏيو تہ الله پاڪ کيس دنيا جي فِڪر لاءِ ڪافي آهي ۽ جنهن جا فِڪرَ دنيا جي احوال ۾ مشغول رهن تہ الله پاڪ کي ان جي پرواهہ نہ هوندي جو اهو ڪهڙي واديءَ ۾ هلاڪ ٿي رهيو آهي.

(ابنِ ماجہ ، ڪتاب :الزہد ، صفحہ:668 ،حديث:4106۔)

اي عاشقانِ رسول! غور جو مقام آهي! اسان کي ڪائنٿو ڪٿان آهي؟ پائٿو ڇا آهي؟ صبح جو تہ ڪائي ورتو، شام جو ڪٿان ايندو؟ مُستقبل ڪيئن هوندو؟ پوڙهائپ ڪيئن گذرندي؟ ٻارن جو مُستقبل ڪيئن هوندو؟ هڪ ڪاروبار تہ هلي رهيو آهي، ٻيو ڪيئن هلندو؟ هڪ جڳهہ تان سُٺي آمدن ٿي رهي آهي، آمدن جا وڌيڪ ذريعا ڪيئن کوليا وڃن؟ ڪار، گهر، بنگلو ڪيئن ملندو؟ ڪاش! مان راتون رات امير ٿي وڃان وغيره وغيره هزار قِسمَن جا فِڪرَ ۽ خيال اسان دل ۾ سمائي رکندا آهيون، انهن ئي فڪرن ۾ صبح ٿيندي آهي، انهن ئي فڪرن ۾ رات ٿيندي آهي ۽ زندگي ايئن ئي ختم ٿي ويندي آهي. اسان جا آقا ۽ مولا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي رهيا آهن: جيڪو ٻانهو اهڙا فڪرَ ڇڏي ڏي، صرف هڪ فڪر، آخرت جو فڪر اپنائي وٺي تہ مون

ڪي قبر ۾، حشر ۾، پُلصراط تي ڪاميابي حاصل ڪرڻي آهي، جنّت ۾ وڃڻو آهي، الله پاڪ کي راضي ڪرڻو آهي، ڪيئن ڪري سگهندُس؟ هي هڪ فڪر اپنائي، الله پاڪ ان جي سمورن فِڪرن جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو ۽ جيڪو ٻانهو هي هڪ فڪر نه اپنائي بلڪ دنياوي فڪرن ۾ ئي پيو هجي، الله پاڪ کي ڪا پرواهه ناهي ته اهو ڪهڙيءَ واديءَ ۾ هلاڪ ٿئي ٿو.

غمِ روز گار میں تو مرے اشک بہہ رہے ہیں
نہ فُضول کاش! ہنستا، تری یاد میں تڑپتا
یہی آہ! فکرِ دُنیا مرا دِل جلا رہی ہے

تِرا غم اگر رُلاتا تو کچھ اور بات ہوتی
مجھے چَین ہی نہ آتا تو کچھ اور بات ہوتی
غمِ ہجر گر ستاتا تو کچھ اور بات ہوتی

(وسائلِ بخشش،صفحہ:384۔)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آخرت جا چاهڻ وارا بڻجو...!!

مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرت عليُ المُرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ عَنْه جن فرمايو: انسانو! آخرت اچي رهي آهي، دنيا وڃي رهي آهي. هنن مان هر هڪ جا چاهڻ وارا آهن. توهان آخرت جا چاهڻ وارا بڻجو! دنيا جا چاهڻ وارا نه بڻجو...!! بيشڪ اڄ عمل جو ڏينهن آهي، اڄ حساب ناهي پر سڀاڻي حساب جو ڏينهن هوندو، اتي عمل ناهي.

(بخاری،کتاب:الرقاق،باب:فی الامل و طولہ ،صفحہ:1581 ۔)

## هڪ ايمان افروز خطبو

حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن هڪ ڏينهن ماڻهن کي خطبو ڏيندي فرمايو: اي انسانو! مان توهان کي الله پاڪ کان ڊڄڻ جي وصيت ڪريان ٿو،

توهان تقوٰي اختيار ڪيو ۽ پنهنجي آخرت جي لاءِ نيڪيون ڪيو. بيشڪ جيڪو شخص آخرت جي لاءِ نيڪ اعمال ڪندو الله پاڪ ان جي دنياوي حاجتن کي پورو فرمائيندو. اي انسانو! توهان پنهنجي باطن جي اصلاح جي ڪوشش ڪيو الله پاڪ توهان جي ظاهر جي اصلاح فرمائيندو. موت کي ڪثرت سان ياد ڪيو ۽ موت کان پهريان پنهنجي لاءِ نيڪ اعمال جو خزانو جمع ڪري وٺو، موت تمام لذتون ختم ڪري ڇڏيندو، اي انسانو! پنهنجي ابن ڏاڏن جي احوال ۾ غور ۽ فڪر ڪندا ڪيو اهي به دنيا ۾ آيا ۽ زندگي گذاري ڪري هليا ويا اهڙيءَ طرح توهان به هليا ويندؤ جيڪڏهن توهان انهن جي انجام کي ياد نه رکندؤ ته موت توهان جي لاءِ تمام سختيءَ جو باعث هوندو لهٰذا موت کان پهريان موت جي تياري ڪري وٺو.

(عيون الحکايات،صفحہ:83 ملتقطًا۔)

کچھ نیکیاں کما لے جلد آخِرت بنا لے
کوئی نہیں بھروسا اے بھائی! زندگی کا

(وسائلِ بخشش،صفحہ:178۔)

## تقوٰي وارن جو هڪ وصف

اي عاشقانِ رسول! آخرت جو فڪر ضروري آهي سيپارو: 1، سورة بقرة جي شروعات ۾ ئي الله پاڪ تقوٰي وارن جا 5 اوصاف ذڪر فرمايا، پوءِ فرمايو:

أُولَٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنۡ رَّبِّهِمۡ‌ ۖ وَاُولَٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ۝۵

(سيپارو: 1، سورة بقرة: 5)

ترجمو ڪنزالعرفان: اهي ئي ماڻهو پنهنجي رب جي طرف کان هدايت تي آهن ۽ اهي ئي ماڻهو ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا آهن.

يعني جنهن ۾ هي 5 اوصاف آهن، اهي ئي پنهنجي ربِّ ڪريم جي طرف کان هدايت تي آهن ۽ اهي ئي اصل ۾ ڪامياب آهن. هي 5 اوصاف ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ هي ڄاڻڻ جي لاءِ تفسيرِ صراطُ الجنان مان سورة بقرة جي پهرين رڪوع جي تفسير پڙهي وٺندا! انهن مان هڪ وصف هي آهي، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَبِالْاٰخِرَةِ هُمْ یُوْقِنُوْنَ ؕ<br>(سيپارو: 1، سورة بقرة: 4) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهي آخرت تي يقين رکن ٿا. |

معلوم ٿيو: جيڪي تقوٰي وارا آهن اهي آخرت تي اِيقان رکندا آهن. ايقان جي معنٰي آهي: تمام پختو يقين، جنهن ۾ ذري برابر بہ شڪ ۽ شبهو نہ هجي. جڏهن ڪنهن شيءِ جي متعلق ايترو پختو يقين ٿي وڃي تہ اها دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ويندي آهي، انسان ان جي خلاف سوچيندو ئي ناهي.

## حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ آخرت جو فڪر

پنهنجي وقت جا وڏا امام، ڪامل ولي حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پرهيزگارن مان هئا. علّامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:۞امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن تشريف کڻي ايندا هئا تہ ايئن لڳندو هو تہ ڄڻ ڪنهن ويجهي دوست جي تدفين کان واپس آيا آهن۞پاڻ ايئن رهندا هئا ڄڻ باهہ سندن جي مٿي تي لٽڪي رهي آهي۞ايئن ويهندا هئا ڄڻ ڪو قيدي آهي ۽ هاڻي ان جو سِر سِسيءَ کان ڌار ڪيو ويندو۞صبح ان حال ۾ ڪندا هئا جو ڄڻ هاڻي قيامت جي هولناڪين مان گذري آيا آهن۞هڪ ڀيري ڪنهن سندن کان حال پڇيو تہ فرمايائون: سمنڊ جي وچ ۾ جنهن جي ٻيڙي ٽٽي پئي، اهو بہ مون کان بهتر حالت ۾ هوندو. پڇيو

ويو: ايئن چو؟ فرمايائون: مان گنهگار ٻانهو آهيان ۽ جيڪي ڪجھ نيڪيون ڪري سگھيو آهيان، اهي قبول ٿيون، يا منهنجي منهن تي هنيون وينديون، مان نہ ٿو ڄاڻان.

(آداب الحسن بصری، صفحہ:25 و26 و27ملتقطاً۔)

## حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ آخر جو فڪر

۞ حضرت سفيان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گفتگو جو سلسلو جاري هو پر پاڻ بلڪل خاموش وينا هئا، پڇيو ويو: حضور! ڇا ڳالھ آهي اوهان خاموش ڇو آهيو؟ فرمايائون: مان اهلِ جنّت جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان تہ اهي ڪيتري قدر خوشي خوشي هڪٻئي سان ملاقات ڪندا! پر دوزخي ماڻهو هڪٻئي کي بي قراري سان مدد جي لاءِ پڪاريندا. ايترو چوڻ کان بعد پاڻ روئڻ لڳا. (سيرة و مناقب عمر بن عبد العزيز لا بن جوزی، صفحہ:214۔)۞ حضرت عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري روئڻ لڳا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي روئيندي ڏسي سندن زوجهءِ محترمہ حضرت فاطمہ بنتِ عبدُ الملڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها بہ روئڻ لڳيون بعد ۾ ٻيا گھر وارا پڻ روئڻ لڳا، جڏهن روئڻ جو سلسلو ختم ٿيو تہ عرض ڪيو ويو: اي اميرُ المؤمنين! اوهان ڇو روئي رهيا هئا؟ فرمايائون: مون کي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيڻ ياد اچي ويو هو جنهن کان بعد ڪو جنّت ۾ ويندو تہ ڪو دوزخ ۾، هي چئي ڪري سندن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ رڙ ڪئي ۽ بيهوش ٿي ويا.( حِلْيَةُ الاولیاء،جلد:5 ،صفحہ:303، رقم:7201۔) ۞ حضرتِ عمر بن عبدُ العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ غلام جو بيان آهي: مان رات جي وقت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ رهندو هيس، اڪثر ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خوفِ خدا ۾ روئيندا رهندا هئا، هڪ رات پاڻ معمول کان وڌيڪ رُنا. جڏهن صبح ٿيو تہ مون عرض ڪيو: اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان! اڄ رات تہ اوهان ايئن رُنا جو پهريان ڪڏهن بہ نہ رُنا.

فرمايائون: مون کي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ بيهڻ جو منظر ياد اچي ويو ھو. ايترو چوڻ کان بعد پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي بيهوشي طاري ٿي وئي ۽ ڪافي دير کان بعد هوش ۾ آيا، ان کان بعد مون پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪڏهن بہ مُسڪرائيندي نہ ڏٺو.

(سيرة و مناقب عمر بن عبد العزيز لا بن جوزی، صفحہ:216۔)

ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ

میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی

(وسائلِ بخشش،صفحہ:105۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن کي چوندا آهن ايقانِ آخرت. يعني آخرت تي اهڙو مضبوط يقين جو شڪ ۽ شبهي جي بلڪل بہ ڪا گنجائش نہ بچي، **آخرت جو فڪر** دل ۽ دماغ تي ڇائنجي وڃي. آخرت تي اهڙو پختو يقين، اهڙي ايقانَ جي گهرجَ آهي. هي تقوٰي وارن جو وصف آهي. يقين مڃو! جيڪڏهن اسان کي بہ اهڙو پختو يقين نصيب ٿي وڃي تہ دنيا جا سمورا فڪرَ ختم ٿي وڃن. اسان جو ڪردار بہ سنورجي وڃي، اخلاق بہ سُٺا ٿي وڃن، اسان جا اعمال بہ نيڪ ٿي وڃن، گناهن جي عادت بہ ختم ٿي وڃي ۽ اسان صحيح معنٰي ۾ نيڪ مسلمان بڻجڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.

## آخرت جو فڪر نہ هجڻ جا ڪجھ اسباب

پر افسوس! ❁ دنيا جي محبت ❁ مال ۽ دولت جي لالچ ❁ فضوليات ۾ مشغوليت ❁ عزت ۽ شهرت ۽ منصب جي هَوس ❁ گناهن جي ڪثرت ۽ ❁ ڊگهي اميدن اسان کي غافل ڪري ڇڏيو آهي، دل تي غفلت جا پرده پيل آهن ۽ اسان آخرت جي فڪر کان پري، بَس دنياوي مُستقبل چمڪائڻ جي فڪر ۾ ڏينهن رات گذاريندا رهندا آهيون.

❁ اسان کي يقين آهي تہ هڪ ڏينهن مرڻو آهي پر اسان موت جي تياري

ناهيون ڪندا۞اسان کي خبر آهي تہ قبر ۾ لهڻو آهي پر اسان کي قبر جي اونداهي، اڪيلائي ۽ وحشت جو فڪر ناهي هوندو۞اسان مسلمان آهيون. اسان کي يقين آهي تہ قيامت جي ڏينهن مُئلن کي اٿاريو ويندو۞اسان کي خبر آهي تہ قيامت جو ڏينهن سخت هولناڪ ڏينهن آهي۞ هاءِ! اها ٿهڪندڙ زمين۞ باهہ وسائيندڙ سج ۞ هاءِ! افسوس! اهي جهنّم جون هولناڪيون۞هاءِ! اونداهيءَ ۾ پُل، وارَ کان سنهي، تلوار کان تيز پلصراط ۞ هاءِ! افسوس اهو ميزانِ عمل جنهن تي قيامت جي ڏينهن اعمال توريا ويندا ۞ هاءِ! افسوس اسان جو اعمال نامو، جنهن ۾ هر ننڍو وڏو عمل لکيل هوندو ۞ قيامت جي ڏينهن مخلوق جي سامهون اسان جو اعمال نامو کوليو ويندو ۞ ربّ جبّار ۽ قهّار جي بارگاهہ ۾ حاضري ٿيندي ۞هڪ هڪ نعمت، هر هر عمل جي باري ۾ پڇيو ويندو.

اسان هي سڀ ڳالهيون ڄاڻيندا آهيون، مڃيندا آهيون، انهن تي يقين بہ رکندا آهيون پر افسوس! اسان کي فڪر ناهي هوندو ۞ اسان دنيا ۾ ايئن گُم ٿي ويا آهيون ڄڻ تہ ڪڏهن مَرڻو ئي ناهي۞ آخرت جي فڪر کان دليون خالي آهن۞ خوفِ خدا ۞ خوفِ قبر ۞ خوفِ آخرت ڪجهہ بہ نہ آهي۞ بَس دنيا جي رنگينين ۾ مَست ۞ هڪ عارضي بلڪ جنهن جي اچڻ جو يقين بہ ناهي، اهڙي مُستقبل جي فڪر ۾ ڏينهن رات گذاريندا هلندا وڃي رهيا آهيون. هاءِ! افسوس هي غفلت...!!

دِل سے مرے دُنیا کی محبّت نہیں جاتی
سرکار! گُناہوں کی بھی عادت نہیں جاتی

دِن رات مسلسل ہے گُناہوں کا تسلسل
کچھ تم ہی کرو نا یہ نحوست نہیں جاتی

گو پیشِ نظر قبر کا پُر ہول گڑھا ہے
افسوس! مگر پھر بھی یہ غفلت نہیں جاتی

(وسائلِ بخشش،صفحہ:382 ملتقطًا۔)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## موت اچي ڪري رهندو ياد رک...!!

اي عاشقانِ رسول! اسان جاڳون يا سمهون، کِلون يا روئون، غافل رهون يا بيدار ٿي وڃون، موت تہ بهرحال اچڻو ئي اچڻو آهي جان وڃڻي ئي آهي، اسان کي هن دنيا مان نڪري ڪري آخرت جي طرف سفر ڪرڻو ئي پوندو. الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِیْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِیْكُمْ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَیْبِ وَ الشَّهَادَةِ فَیُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ۠ (۸)

(سيپارو: 28، سورة جمعه: آيت: 8)

ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: بيشڪ اهو موت جنهن کان توهان ڀڄو ٿا سو اهو ضرور توهان کي ملڻ وارو آهي پوءِ توهان ان جي طرف ڦيريا ويندؤ جيڪو هر غيب ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ وارو آهي پوءِ اهو توهان کي توهان جا عملَ ٻڌائي ڇڏيندو.

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن
قبر میں ہوگا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن
اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے
یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے
بن تُو مت انجان آخر موت ہے
مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی
عاقِل و نادان آخر موت ہے

## دنيا ۾ ايئن رهو جيئن مسافر...!!

صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدُ الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُما فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي رَضِیَ اللهُ عَنۡه جن هڪ ڏينهن (ڪُلهي مان) پڪڙي ڪري فرمايو: اي عبدُ الله بن عمر! دنيا ۾ ايئن رھ جيئن اجنبي هجين يا ايئن جيئن

مسافر هجين ۽ پاڻ کي مُئلن ۾ شمار ڪندو ڪر...!! حضرت مُجاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت عبدُ الله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهما جن مون کي فرمايو: اي مجاهد! صبح ڪرين ته شام جي باري ۾ نه سوچيندو ڪر! شام ٿي وڃي ته صبح جي باري ۾ نه سوچيندو ڪر! اي الله جا ٻانها! بيشڪ تون نه ٿو ڄاڻين ته سڀاڻي تنهنجو نالو ڇا هوندو؟ (يعني توکي زنده ۾ شمار ڪيو ويندو يا مُئلن ۾).

(مصنف ابن ابی شيبه ،کتاب:الزہد،جلد:8 ،صفحہ:124،حديث:3۔)

## سيرتِ مصطفٰي جو هڪ خوبصورت پهلو

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس! اسان کي دنياوي مُستقبل جو فڪر ته ستائيندو رهندو آهي پر آخرت جو فڪر ناهي ستائيندو. هاءِ! ڪٿان جو مُستقبل...!! مُستقبل ته پري جي ڳالھ ايندڙ ڏينهن ڪنهن ڏٺو آهي؟ بلڪ حقيقت ته هيءَ آهي ته اسان کي اڳين ساھ جي به خبر ناهي، نه ڄاڻ ايندو به يا نه. صحابيءِ رسول حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صحابي ابنِ صحابي حضرت اُسامه بن زيد رَضِیَ اللهُ عَنْهما هڪ مهيني جي لاءِ ڪا شيءِ اوڌر تي خريد ڪئي. ان تي الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن تنبيه ڪندي فرمايو: ڇا توهان کي اُسامه تي تعجب ناهي، هي هڪ مهيني جي لاءِ اُوڌر تي شيءِ خريد ڪري رهيو آهي؟ اُسامه ڊگهي اميد لڳائي ورتي آهي. ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! مان پنهنجي اک کوليندو آهيان ته گُمان ٿيندو آهي ته ٻيهر اک بند ڪرڻ کان پهريان منهنجو روح قبض ڪيو ويندو، جڏهن مان ڪو گِرهُ وات ۾ وجهندو آهيان ته گُمان ٿيندو آهي ته ان کي چٻاڙي نه سگهندُس، ان کان پهريان موت اچي ويندو. پوءِ فرمايائون: **اي ابنِ آدم! جيڪڏهن عقلمند آهيو ته پاڻ کي مُئلن ۾ شمار ڪيو!**

(موسوعہ ابن ابی الدنيا،کتاب:قصر الامل ،جلد:3 ،صفحہ:305 ،حديث:6۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪيڏو خوبصورت پهلو آهي. پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ موت کي هر وقت سامهون رکندا هئا حالانڪ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي وحي جي ذريعي يقيني طور تي معلوم هو ته اجان موت نہ ايندو، دين مڪمل ٿيندو، تڏهن ئي دنيا مان رخصت ٿيندُس، ان جي باوجود پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ موت کي هميشہ سامهون رکندا هئا. يقيناً هي اسان غلامن جي تعليم جي لاءِ آهي ❁ نہ تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ مالِڪِ جنّت آهن، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شافِعِ محشر آهن ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت سان امّتي جنّت ۾ ويندا ❁ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان الله پاڪ مقامِ محمود جو واعدو فرمايو آهي ❁ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا مان رخصت ٿيڻ کان پهريان الله پاڪ سندن کي اختيار ڏنو تہ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! دنيا ۾ قيام چاهيو تہ اوهان جي مرضي، اسان وٽ اچڻ چاهيو تہ اچي وڃو! هونئن بہ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام تي موت صرف هڪ آن (يعني گهڙي ڪن) جي لاءِ ايندو آهي ❁ اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي عطا سان هاڻي بہ پنهنجي مزار مبارڪ ۾ دنياوي زندگيءَ سان گڏ زنده آهن.

| | |
|---|---|
| تُو زِندہ ہے وَاللہ! تُو زِندہ ہے وَاللہ | مِرے چشمِ عالَم سے چھپ جانے والے |

(حدائقِ بخشش،صفحہ:158۔)

ها! ❁ اسان کي پنهنجي موت جو علم ناهي ❁ موت جي وقت اسان جو ايمان سلامت رهي سگهندو يا نہ، اسان کي خبر ناهي❁ مرڻ کان بعد اسان جي قبر جنّت جو باغ بڻجندي يا جهنّم جو کڏو، اسان کي خبر ناهي❁ قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي رحمت نصيب ٿيندي يا نہ❁پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت حاصل ڪري سگهنداسين يا گناهن جي جُرم ۾ جهنّم ۾ اڇلايا وينداسين❁ پلصراط تان سلامتيءَ سان گذري سگهنداسين يا نہ، اسان کي خبر

ناهي پر افسوس! اسان کي موت ياد ناهي رهندو.

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں | سامان سو برس کا ہے پَل کی خبر نہیں

## دنياوي مُستقبل جو فڪر ڪرڻ وارا غور ڪن!

پيارا اسلامي ڀائرو! سيرتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هن پهلو تي غور فرمايو! حضرت اُسامہ بن زيد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابيءِ رسول آهن ۽ صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم سان قرآنِ ڪريم ۾ جنّت جو واعدو فرمايو ويو آهي، ان جي باوجود حضرت اُسامہ بن زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صرف هڪ مهيني جي لاءِ اوڌر تي شيءِ خريد ڪئي، ان مان معلوم ٿيو تہ انهن کي هڪ مهيني تائين زنده رهڻ جي اميد آهي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن کي تنبيہ فرمائي ۽ هي احساس ڏياريو تہ هڪ مهينو تہ پري جي ڳالھ آهي، موت جي تہ هڪ گهڙيءَ جي بہ خبر ناهي.

هاءِ! افسوس! ❁ اسان وٽ صرف هڪ مهيني جي نہ، ڪيئي سالن جي پلاننگ ڪئي ويندي آهي ❁ ڪيئي ملڪن ۾ هي انداز آهي تہ ٻار اڃان پيدا بہ ناهي ٿيندو، ان ڪان پهريان ئي اسڪول ۾ ان جي داخلا ڪرائي ويندي آهي ❁ اسان جو ٻار وڏو ٿي ڪري ڇا بڻبو؟ ❁ اسان ان کي ڊاڪٽر بڻائينداسين يا انجينئر؟ ❁ ڪٿي رهندو؟ ❁ زندگي ڪيئن گذاريندو؟ وغيره وغيره ان جي باري ۾وڏا وڏا خواب ڏٺا ويندا آهن ❁ اسان پنهنجي باري ۾ بہ پلاننگ ڪندا آهيون ❁ وڏا وڏا خواب سجائيندا آهيون ❁ اڄ مان هِتي آهيان، ايندڙ ڏينهن هُتي پهچندُس ❁ اڄ مون وٽ سائيڪل آهي، ڪجھ سالن ۾ موٽر سائيڪل، پوءِ ڪار تائين پهچندُس ❁ هاڻي هڪ دڪان آهي، ڪجھ سالن ۾ 4 دڪان، پوءِ پوري مارڪيٽ، پوءِ ڪيئي شهرن ۾ پنهنجي ڪاروبار جون شاخون کوليندُس، هي سڀ خواب ڏٺا ويندا آهن، ڪيئي ڪيئي سالن جي پلاننگ ڪئي ويندي آهي. جيتوڻيڪ

هي دنياوي لحاظ سان سُٺي ڳالھ آهي، ٻانهو اڳوات هدف ناهي ڪري هلي ته ڪاميابي ملندي آهي پر اسان غور ڪيون، هن دنيا مان وڃڻو به ته آهي، قبر ۾ به لهڻو آهي، قيامت جي ڏينهن اٿڻو به آهي، بارگاهِ الٰهي ۾ پيش به ٿيڻو آهي، ان جي لاءِ اسان ڇا پلاننگ ڪئي آهي؟ ان جي لاءِ ڪهڙا هدفَ ٺاهيا. جيئن اسان رپين پيسن جو حساب لڳائيندا آهيون، ٻارن جي تعليم، ڪاروبار، بينڪ بيلنس وغيره جي باري ۾ اهداف ٺاهيندا آهيون، ايئن ئي ڪڏهن قبر ۽ آخرت بابت به غور ڪندا آهيون؟ ڇا ڪڏهن سوچيو ته مان روزانو نمازون گهٽيون پڙهندو آهيان؟ قرآنِ پاڪ جي تلاوت جي باري ۾ منهنجا ڪهڙا اهداف آهن؟ روزانو ڪيترو درود شريف پڙهندو آهيان؟ ٻارن جي لاءِ ڪڏهن اهڙي پلاننگ ڪئي؟ مثال طور ٻار جڏهن سمجهدار ٿيو ته اسان حساب لڳايون: جيڪڏهن هي هاڻي کان روزانو مثال طور 100 ڀيرا درود شريف پڙهي ته مهيني ۾ 3000 ڀيرا درود شريف پڙهي وٺندو، سال ۾ 36 هزار ڀيرا درود شريف پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، هي آخرت جو فڪر آهي، هي نيڪين جي باري ۾ پلاننگ آهي. افسوس! اسان دنياوي مُستقبل کي سنوارڻ لاءِ ته پنهنجي به پلاننگ ڪندا آهيون، ٻارن جا به اهداف ٺاهيندا آهيون پر قبر جي زندگي سنوارڻ. آخرت جي بهترين جي لاءِ پلاننگ ناهيون ڪندا. هاءِ. افسوس..!!

آگاہ! اپنی موت سے کوئی بشر نہیں | سامان سو برس کا ہے پل کی خبر نہیں

## ٻگهي اميد اڄوڪي دور جو وڏو مسئلو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ✿ اسان جي معاشري ۾ گناھ وڌي رهيا آهن ✿ ڀائيچارو ختم ٿي رهيو آهي✿ڀاءُ ڀاءُ جو گريبان پڪڙي رهيو آهي ✿ چوري ڌاڙا ۽ قتل جون وارداتون وڌي رهيون آهن✿ گهرن ۾ جهيڙا جهٽا ✿ ڦڏو فساد وغيره وغيره مسئلا وڌندا پيا وڃن، آخر هي ڇو ٿي رهيو آهي؟ ان تي ڪوڙ ماڻهو تبصره

ڪندا آهن، آخر خرابي ڪٿي آهي؟ وڏا ماهر گهٽو ڪجهه ٻڌائين ٿا. اچو! مان توهان کي حديثِ پاڪ ٻڌايان ٿو، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هن اُمّت جا پهريان ماڻهو يقين ۽ دنيا کان بي رغبتي (ڪنارو ڪرڻ) جي ذريعي نجات ماڻي ويا ۽ آخر ۾ اچڻ وارا ماڻهو بخل (يعني ڪنجوسي) ۽ ڊگهن اميدن جي سبب هلاڪ ٿي ويا.

(موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:الیقین،جلد:1 ،صفحہ:19 ،حدیث:3۔)

هي آهي معاشري جي بگاڙ جو اصل سبب...!! ڪنجوسي ۽ ڊگهيون اميدون ۞ اسان تي غفلت سوار آهي ۞ اسان آخرت جي فڪر کان پري آهيون ۞ اسان کي دنياوي مُستقبل جو فڪر ستائيندو آهي ۽ انهيءَ فڪر ۾ پنهنجي روشن مُستقبل جي خاطر گناهن جي اونداهين ۾ ٻڏندا پيا وڃون حالانڪ حقيقي نگاهه سان ڏٺو وڃي ته مُستقبل ڪا شيءِ ناهي، صرف حال ئي حال (*Present*) ئي (*Present*) آهي اڄ مان جيڪو ڪجهه آهيان، سڀاڻي مان هوندُس يا نه؟ مون کي خبر ناهي. صرف هي مَوهُوم (يعني خيالي، تصوراتي) شيءِ جي خاطر اسان سيئي پڃي رهيا آهيون، اسان مان لکين ماڻهو انهيءَ ڊوڙ ۾ ڊوڙندي ڊوڙندي قبر جي کڏي ۾ پهچي چڪا آهن، عنقريب اسان به انهيءَ کڏي ۾ ڪِري پونداسين، هي دنيا، هن دنيا جو عارضي ۽ فاني مُستقبل نمرود، فرعون، هامان ۽ قارون جهڙن دنيا پرستن جي هٿ نه آيو. اسان جي هٿ ڪٿان ايندو؟

## انسان، موت ۽ اميد جو مثال

صحابيءِ رسول حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن چَئن ڪُنڊن وارو ڊبو (*Square Box*) ٺاهيو، ان جي اندر هڪ لڪيرَ لڳائي، پوءِ ان لڪير جي ٻنهي طرف کان ننڍيون ننڍيون لڪيرون لڳايون، پوءِ ان ڊبي کان ٻاهر هڪ

لڪير چڪي، پوءِ فرمايائون: هي (يعني ڊبي جي اندر هڪ لڪير) انسان آهي ۽ هي (يعني ان جي چؤطرف چؤ ڪندو ڊبو) هي موت آهي، جنهن انسان کي گهيري رکيو آهي، هي ننڍيون ننڍيون لڪيرون، مختلف آفتون آهن جيڪي انسان کي چنبڙيل آهن، انسان هڪ کان بچي ويندو آهي ته ٻي ان کي ڏنگي وجهندي آهي ۽ اها (يعني ڊبي کان ٻاهر واري لڪير) انسان جي اميد آهي.

(بخاری، کتاب :الرقاق، باب:فی الامل وطوله،صفحه:1581،حديث:6417 ـ)

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هن عبرتناڪ حديثِ پاڪ اسان جي حالات جي پوري پوري عڪاسي ڪري ڇڏي آهي. واقعي موت اسان کي چؤطرف گهيري رکيو آهي ۞ اسان آس پاس موت جي سبب تي غور ڪيون ۞ بجلي موت جو ذريعو آهي ۞ اسان جي گاڏي موت جو ذريعو آهي ۞ بيماري موت جو ذريعو آهي ۞ اسان جو کاڌو اسان جي اندر وڃي ڪري زهر به بڻجي سگهي ٿو، لھٰذا هي به موت جو ذريعو آهي، هيئن غور ڪيون، موت اسان کي چؤطرف گهيري رکيو آهي ۽ اسان مختلف قسمن جي مسئلن ۾ ڦاٿل آهيون ۞ ڪڏهن بيماري ايندي آهي ۞ ڪڏهن تنگدستي ايندي آهي ۞ ڪڏهن ٻارن جو فڪر ۞ ڪڏهن ڪاڏي جو فڪر ۞ ڪڏهن ڪمائڻ جو فڪر ۞ اسان هزار قسمن جي فڪرن ۾ ۽ مسئلن ۽ آفتن ۾ گرفتار ٿيل آهيون، جڏهن ته اسان جون اميدون ڪيئي سالن جون آهن، اسان کي خبر ناهي ته سڀاڻي جو سج به ڏسي سگهداسين الائي نه پر پلاننگ اسان وٽ 100 سال جي آهي، خواب اسان وڏا وڏا ڏسي رکيا آهن. هاءِ! افسوس خبر ناهي هي خواب پورا به ٿي سگهندا يا نه، پوءِ جيڪڏهن پورا ٿي به ويا، تڏهن به موت ته بهرحال اچڻو ئي اچڻو آهي، قبر ۾ ته لهڻو ئي لهڻو آهي، قيامت جي ڏينهن بارگاهِ الاهي ۾ پيشي ته ٿيڻي ئي ٿيڻي آهي...!! پر افسوس! قبر جي، قيامت جي اسان وٽ ڪا پلاننگ ناهي.

## اسان فضول خواب ڏسي رهيا آهيون

هڪ پيري ڪنهن عقلمند شخص پنهنجي دوست کي خط لکيو ۽ وڏي سبق آموز نصيحت ڪئي، انهن لکيو: هيءَ دنيا هڪ ننڊ آهي ۽ آخرت بيداري آهي انهن ٻنهي جي درميان (يعني ننڊ مان جاڳڻ واري شيءِ) موت آهي ۽ اسان ننڊ جي حالت ۾ پريشان، ڏکيا خواب ڏسي رهيا آهيون.

(موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:قصر الامل ،جلد:3 ،صفحہ:314 ،حدیث:52۔)

اي عاشقانِ رسول! هيءَ حقيقت آهي...!! اسان خواب ڏسي رهيا آهيون، منجهيل پريشان خواب ۽ انهن خوابن کي سچو ڪرڻ جي خاطر بَس اکيون بند ڪري ڊوڙندا هلندا پيا وڃون، اسان جي منزل ڪٿي آهي؟ ڪجھ خبر ناهي؟ بيهڻو ڪٿي آهي؟ ڪا خبر ناهي؟ موت سامهون بيٺو آهي، قبر جو ڪڌو اکين جي سامهون آهي ۽ اسان بلڪل فڪر نٿا ڪيون.

قَبْر میں مَیِّت اُترنی ہے ضرور
جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضرور

ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے
کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے

## 3 حيرت انگيز ماڻهو...!!

صحابيءِ رسول حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: مون کي ٽن ماڻهن تعجب ۾ وجهي ڇڏيو ۽ مان انهن جي متعلق سوچي ڪري کِلندو آهيان (1): دگهيون اميدون لڳائڻ وارو جڏهن ته موت ان کي ڳولي رهيو آهي (2): غافل جڏهن ته ان کان غفلت نه پئي ڪئي وڃي (يعني اسان جيتوڻيڪ غافِل ٿي وڃون پر اسان کان غفلت نه پئي ڪئي وڃي، اسان جي سخت نگراني ڪئي پئي وڃي، ڪراماً ڪاتبين يعني اعمال لکڻ وارا فرشتا هڪ هڪ عمل لکي رهيا آهن، الله پاڪ ڏسي رهيو

آهي، اسان جا عضوا، هيءَ زمين، سڀ اسان جي خلاف گواهه تيار ٿي رهيا آهن، قبر اسان کي روزانو پڪاريندي آهي، ملڪُ الموت عَلَيهِ السَّلام حڪمِ الٰهي جا مُنتظر آهن، بَس حڪم ٿيندو ۽ اهي روح قبض ڪري وٺندا، **مطلب ته:** جيڪو غافل آهي، ان کان غفلت نه پئي ڪئي وڃي، ان جي سخت نگراني ٿي رهي آهي) ۽ (3): ٽيون شخص جنهن تي حضرت سلمان رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کي حيرت ٿيندي آهي، فرمايائون: ٺهڪ ڏئي کلڻ وارو جڏهن ته اهو نه ٿو ڄاڻي ته الله پاڪ ان سان راضي آهي يا ناراض.

(موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:قصر الامل ،جلد:3 ،صفحہ:309 ،حدیث:29۔)

آگاہ اپنی موت سے کوئی بَشَر نہیں | سامان سو برس کا ہے پل کی خبر نہیں

## دنيا پرست آخرت جي تياري ڪيئن ڪري سگهندو؟

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ماڻهن چون ٿا: ڏينهن 3 آهن، ❁ حالانڪ ڪالهه گذري ويو ۽ اڄڻ وارو صبح صرف هڪ اميد آهي، شايد تون سڀاڻي جو سج نه ڏسي سگهين. جيڪڏهن ڏسي به ورتو ته اڄڻ وارو ڏينهن پنهنجو رزق گڏ آڻيندو ۽ جيڪڏهن سُڀاڻي سج نه ڏسي سگهين ته توکي سَوين ماڻهن جي وچ مان ڪٽي ڪري اڪيلو قبر ۾ رکيو ويندو❁پوءِ ان سان گڏوگڏ پنهنجي ڪمزور دل تي سالن جي فڪرَن جو بوجهه وجهي ڇڏيو آهي❁سردي اچڻ کان پهريان توکي سرديءَ جو فڪر لڳي ويندو آهي❁ گرمي اچڻ کان پهريان توکي گرمي جو فڪر لڳي ويندو آهي❁ تو پنهنجي ڪمزور دل تي آخرت جي لاءِ ڪهڙي جڳهه باقي رکي آهي؟

❁ هر اچڻ وارو ڏينهن تنهنجي زندگي گهٽ ڪري رهيو آهي ۽ توکي ڪو غم ناهي ❁ هر اچڻ وارو ڏينهن تنهنجو رزق گهٽائي رهيو آهي ۽ توکي ڪو فڪر

ئي ناهي۞ توڪي تنهنجي ضرورت جي مطابق ڏنو ويو پر تون عيش ۽ عِشرت ۽ سرڪشيءَ جو سامان طلب ڪرين ٿو ۞ ٿوري تي راضي ناهين ٿيندو۞ گهٽي مان تنهنجو پيٽ ناهي ڀَربو۞ **آخر جنهن جون خواهشون ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ وٺن، اهو آخرت جي تياري ڪيئن ڪري سگهندو...!!** حيرت، نهايت حيرت آهي ان تي جيڪو هميشہ رهڻ واري زندگي (يعني آخرت) تي ايمان تہ رکندو آهي پر سموري ڪوشش ان ڏوڪي جي گهر (يعني دنيا) جي لاءِ ڪري رهيو آهي.

(موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:قصر الامل ،جلد:3 ،صفحہ:316 ،حدیث:59۔)

سيپارو: 10، سورة توبه، آيت: 38 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَرَضِیۡتُمۡ بِالۡحَیٰوۃِ الدُّنۡیَا مِنَ الۡاٰخِرَۃِ ۚ فَمَا مَتَاعُ الۡحَیٰوۃِ الدُّنۡیَا فِی الۡاٰخِرَۃِ اِلَّا قَلِیۡلٌ ﴿۳۸﴾

(سيپارو: 10، سورة توبه، آيت: 38)

ترجموڪنزالعرفان: ڇا توهان آخرت جي بدران دنيا جي زندگي تي راضي ٿي ويؤ؟ پوءِ آخرت جي مقابلي ۾ دنيا جي زندگي ساز ۽ سامان نهايت گهٽ آهي.

## آخرت جي لاءِ ڪوشش ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ ٻي ڳالھ عرض ڪريان؟ اسان وٽ ڪافي ماڻهو آهن جيڪي ڪافرن جي بلند بلند عمارتن کي ڏسي ڪري رنجيده ٿيندا آهن حالانڪ اسان مسلمان آهيون، اسان جو ڪافرن سان ڪهڙيءَ طرح موازنو ٿي ئي نہ ٿو سگهجي. هي الله پاڪ ورهاست فرمائي آهي ۽ هي تمام زبردست آهي، بهترين ۽ هر طرح سان سُٺي ورهاست آهي جو ڪافرن جي لاءِ دنيا آهي، اسان جي لاءِ آخرت. دنيا تہ ڪجھ ڏينهن آهي، جلدئي ختم ٿي ويندي پر آخرت هميشہ رهندي. سيپار: 15، سورة بني اسرائيل، آيت: 18 ۽ 19 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ عَجَّلْنَا لَهٗ فِيْهَا مَا نَشَآءُ لِمَنْ نُّرِيْدُ ثُمَّ جَعَلْنَا لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلٰىهَا مَذْمُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿۱۸﴾ وَ مَنْ اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَ سَعٰى لَهَا سَعْيَهَا وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿۱۹﴾

(سيپار: 15، سورة بني اسرائيل، آيت: 18 ۽ 19)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو جلدي واري (دنيا) چاهي ٿو تہ اسان جنهن کي چاهيون ٿا ان جي لاءِ دنيا ۾ جيڪو چاهيندا آهيون جلدي ڏئي ڇڏيندا آهيون پوءِ اسان ان جي لاءِ جهنّم ٺاهي رکي آهي جنهن ۾ اهو خوار، مردود ٿي داخل ٿيندو ۽ جيڪو آخرت گهري ٿو ۽ ان جي لاءِ اهڙي ڪوشش ڪندو آهي جهڙي ڪرڻ کپي ۽ اهو ايمان وارو بہ هجي تہ هي ئي اهي ماڻهو آهن جن جي ڪوشش جي قدر ڪئي ويندي.

اي جنّت جا طلبگار پيارا اسلامي ڀائرو! فيصلو اسان کي پاڻ ڪرڻو آهي، اسان کي دنيا گهرجي يا آخرت...؟ جيڪڏهن اسان آخرت چاهيون ٿا، جيڪڏهن اسان آخرت جي هميشہ رهڻ واري زندگي ۾ آرام ۽ سڪون ۽ جنّتي نعمتون چاهيون ٿا ۽ يقيناً هر مسلمان اهو ئي چاهيندو تہ اسان کي ان جي تياري ڪرڻي پوندي، ان جي لاءِ دنيا کان نگاهون هٽائي ڪري اللّٰہ پاڪ جي رضا وارا ڪم ڪرڻا ئي پوندا.

## آخرت جو فڪر ڪيئن ملي...؟

آخرت جي تياري ڪيئن ٿي سگهندي؟ **آخرت جي فڪر** جي ذريعي. شايد اسان سيني کي تجربو هوندو: اسان اهي ئي ڪم ڪري سگهندا آهيون جنهن جي طرف اسان جي توجهہ هوندي آهي، جنهن جي طرف توجهہ نہ رهي اهو چاهي ڪيڏو بہ اهم ڇو نہ هجي، اسان کان وسري ويندو آهي، ياد ناهيون رکي سگهندا. ان ڪري جيڪڏهن آخرت گهرجي، آخرت جي تياري ڪرڻي آهي تہ آخرت جي فڪر کي

اپنائڻو پوندو ❁ اسان آخرت جي احوال تي غور ڪندا ڪيون ❁ قبر ❁ حشر ❁ قيامت ❁ اتي جون هولناڪيون ❁ ميزان ❁ پلصراط ❁ جهنّم ۽ اتي جي عذابن جي متعلق غور ۽ فڪر ڪندا ڪيون ❁ گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ ڀيرا قبرستان وڃون، اتي دفن ٿيل مسلمانن جي لاءِ ايصالِ ثواب ڪيون، پوءِ اتي ويهي ڪري قبر، ان جي اڪيلائي، اونداهي ۽ وحشت جي متعلق غور ڪيون ❁ سوچيون ته عنقريب مان به اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندُس، پوءِ قيامت جي ڏينهن اٿڻو پوندو، بارگاهِ الٰهي ۾ پيش ٿيڻو پوندو، ايئن آخرت جي متعلق غور ڪيون ❁ روزانو گهڻو نه ته گهٽ ۾ گهٽ 5 منٽ ئي سهي اڪيلائي ۾ ويهي ڪري آخرت جي معاملن تي غور ڪيون، روزانو ڪندا رهنداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دل ۾ آخرت جو فڪر ويهي ويندو ❁ آخرت جي ياد ڏيارڻ وارا ڪتاب پڙهو، مثال طور شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا ڪتابَ ۽ رسالا پڙهو: مثال طور (1): قبر جي پهرين رات (2): مڙدي جا صدما (3): بادشاهن جون هڏيون (4): قبر جو امتحان (5): غفلت (6): بُري خاتمي جا اسباب وغيره اهڙيءَ طرح مڪتبةُ المدينہ جا تمام پيارا ڪتاب آهن: جهڙوڪ (1): خوفِ خدا (2): فڪرِ مدينہ (3): جنّت جو آسان رستو (4): قبر ۾ اچڻ وارو دوست (5): دنيا کان بي رغبتي ۽ اميد جي گهٽتائي وغيره ڪتاب پڙهو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! آخرت جو فڪر نصيب ٿيندو.

## فڪرِآخرت جي باري ۾ دعاءِ مصطفٰي

❁ آخرت جو فڪر ماڻڻ جي لاءِ دعا به ڪيون. اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي هي گهرندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ دُنْيَا تَمْنَعُ خَيْرَ الْاٰخِرَةِ، وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ حَيَاةٍ تَمْنَعُ خَيْرَ الْمَمَاتِ، وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ اَمَلٍ يَمْنَعُ خَيْرَ الْعَمَلِ.

(موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب:قصر الامل ،جلد:3 ،صفحہ:312 ،حدیث:46۔)

ترجمو: اي الله پاڪ! مان اهڙي دنيا کان تنهنجي پناهه گهران ٿو جيڪا آخرت

جي پلائي کان روڪي ڇڏي، اهڙيءَ زندگيءَ کان تنهنجي پناهه گهران ٿو جيڪا سُني موت کان روڪي ڇڏي ۽ اهڙين اُميدن کان تنهنجي پناهه گهران ٿو جيڪي نيڪ اعمال کان روڪي ڇڏين.

## انسان جي دل ان جي مال سان گڏ رهندي آهي

هڪ پيري هڪ شخص بارگاهه رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مون کي ڇا ٿي ويو آهي جو مان موت کي پسند ناهيان ڪندو (يعني منهنجي دل دنيا جي طرف مائل آهي، مان پنهنجي دل ۾ آخرت جي طرف لاڙو گهٽ ڏسان ٿو ۽ موت جيڪو جنّت تائين پهچڻ جو رستو آهي، مون کي هي موت پسند ناهي) سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ڇا تو وٽ مال آهي؟ عرض ڪيائين: جي ها! فرمايائون: پنهنجو مال (آخرت جي لاءِ صدقو ۽ خيرات ڪري) اڳتي موڪلي ڇڏ! ڇوته انسان جي دل پنهنجي مال سان گڏ هوندي آهي، جيڪڏهن هي پنهنجي مال کي اڳتي موڪلي ڇڏي (يعني صدقو ۽ خيرات ڪري ڇڏي) ته ان سان ملڻ چاهي ٿو ۽ جيڪڏهن مال کي پنيان ڇڏي ڏي ته ان سان گڏ پويان رهڻ چاهي ٿو.

(الزہد لابن المبارک، جز:5، صفحہ:208، حدیث:634۔)

ہمارے دل سے نکل جائے الفتِ دنیا | دے دل میں عشقِ مُحَمَّد مرے رچا یاربّ!

(وسائل بخشش، صفحہ:82۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! **آخرت جو فڪر** ماڻڻ جو هڪ طريقو چڱي صحبت پڻ آهي، نيڪ پرهيزگار، خوفِ خدا وارن، آخرت جو فڪر ڪرڻ وارن ماڻهن سان گڏ ويهنداسين ته اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! اسان کي به آخرت جو فڪر نصيب ٿي ويندو. چڱي صحبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو، پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري

هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪيو، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي عطا ڪيل رسالي نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪيو، مدرسةُ المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪري فيضانِ قرآن حاصل ڪيو، الحمد لله! اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر ڇنڇر تي عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي براهِ راست (***Live***) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن ان ۾ شرڪت ڪيو، سوشل ميڊيا (يعني فيس بڪ (***Facebook***)، انسٽا گرام (***Instagram***)، واٽس ايپ (***WhatsApp***)، ٽوئٽر(***Twitter***)، يوٽيوب (***YouTube***)، تي دعوتِ اسلامي جا مختلف پيجز (***Pages***)، ٺهيل آهن انهن کي ڏسندا. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ مدني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! آخرت جو فڪر ماڻڻ، آخرت جي زندگي جي تياري ڪرڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سنّت جو پابند بڻجڻ، نيڪين جو شوق ماڻڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ تڙپڻ جو ذهن بڻجندو. 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي چڙهي ڪري حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: علاقائي دورو. الحمد لله! دعوتِ اسلامي سان وابستہ عاشقانِ رسول پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ ڏينهن ۽ وقت مقرر ڪري گهٽي گهٽي، دڪان دڪان

ويندا، ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا ۽ انهن کي مسجد ۾ اچڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ قبر ۽ آخرت جي تياري ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا آهن، اهڙيءَ طرح مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارا عاشقانِ رسول به مدني قافلي جي جدول (***Schedule***) جي مطابق نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. توهان به هن نيڪي جي ڪم ۾ شرڪت جي پڪي نيت ڪري وٺندا! اچو! توهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو:

## گناهن ڀري زندگي ۾ نيڪين جي بهار اچي وئي

فتح جنگ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڊراما ڏسڻ، آوارا گردي، راند روند ۾ گُم رهڻ منهنجو پسنديده مشغلو هو، هاءِ! افسوس مان نمازون به قضا ڪري ويهندو هيس ۽ گناهن جي ذريعي جهنّم ڏي وڌندو وڃي رهيو هيس. منهنجي هدايت جو سبب هيئن بڻيو ته هڪ ڏينهن ڳوٺ جي مسجد ۾ دعوتِ اسلامي جو هڪ مدني قافلو نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ تشريف ڪٺي آيو، درس ۽ بيان ۽ عصر نماز کان بعد علاقائي دوري جو سلسلو شروع ٿيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون وٽ آيو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ ۽ قافلي وارن سان گڏ سکڻ سيکارڻ جي حلقي ۾ ڪجهه وقت گذارڻ جي دعوت ڏني، انهن جي ترغيب تي جڏهن مان مسجد جي پُربهار هوائن ۾ داخل ٿيس ته عاشقانِ رسول وڏي محبت سان ملاقات ڪئي،

پهرين ملاقات ۾ ئي ايتري قدر پيار ۽ محبت ڏسي ڪري مان ايترو متاثر ٿيس جو دعوتِ اسلامي جي محبت منهنجي دل ۾ گهر ڪري وئي، جيستائين سکڻ سيکارڻ جي مدني حلقن ۾ حاضر رهيس، علم جي مدني گُلَن سان دل جو گلشن آباد ٿيندو رهيو، پوءِ اميرِ قافلا مون کي نيڪ اعمال جو رسالو عطا

فرمايو، ان رسالي جي صورت ۾ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي اصلاحِ امّت جي تڙپ ڏسي ڪري مون هٿو هٿ بيعت جي لاءِ نالو پيش ڪري ڇڏيو. ايئن مان قادري، رضوي، عطاري رنگ ۾ رنگجي ويس، هڪ الله واري سان نسبت ڇا ٿي منهنجي زندگيءَ ۾ عمل جي بهار اچي وئي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گذريل گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو.

(دلوں کا چین، صفحہ:4-6۔)

اسی ماحول نے اَدنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو! | اندھیرا ہی اندھیرا تھا، اُجالا کر دیا دیکھو!

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تجهيزءِ تڪفين ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄوڪو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان حوالي سان دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان مختلف ايپليڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهن، جنهن مان هڪ موبائل ايپليڪيشن آهي: ***Muslim's Funeral*** (تجهيز ۽ تڪفين) هن موبائل ايپليڪيشن ۾ مَيّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره جي بابت اهم ترين معلومات ڏني وئي آهي ۽ هڪ خاص ڳالهه هي آهي ته مَيّت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي جي لاءِ ***Animated Videos*** به شامل آهن. توهان به هي موبائل ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو ۽ ٻين کي به هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوتصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343۔)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهٽ ڳالهائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): ماڻهو جو خاموشيءَ تي قائم رهڻ 60 سال جي عبادت کان بهتر آهي. (شُعَبُ الْاِيْمَان، باب: حفظ اللسان، جلد:4، صفحه:245، حديث:4953۔) (2): خاموشي اعلٰي درجي جي عبادت آهي.

(مسند الفردوس، جلد:2، صفحه:417، حديث:3849۔)

اي عاشقانِ رسول! گهٽ ڳالهائڻ سنّتِ مصطفٰي آهي ❁ الحمد لله! اسان جا پيارا آقا، مکي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڊگهي خاموشي وارا هئا. (شرح السنه للبغوی، جلد:7، صفحه:450، حديث:3695۔) ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ بنا ضرورت ماڻهن سان ڪلام نہ فرمائيندا هئا، هند بن ابو هاله جو بيان آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن بنا ضرورت گفتگو نہ فرمائيندا هئا بلڪ اڪثر خاموش ئي رهندا هئا. (شمائل ترمذی، صفحه:353، حديث:225۔) خاموشي مان مراد آهي: دنياوي ڪلام کان خاموشي نہ تہ حضورِ اَقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زبان مبارڪ الله پاڪ جي ذڪر ۾ تَر رهندي هئي.

(مرآة المناجيح، جلد:8، صفحه:81۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! ❁ خاموشي حڪمت آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عقل ڪامل ٿيندو آهي❁گهٽ ڳالهائڻ عبادت جي چابي آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عبادت جي

لذّت نصيب ٿيندي آهي ❁ گهٽ ڳالهائڻ سان عزت، وقار ۽ علم ۾ اضافو ٿيندو آهي ❁ جيڪو بنا ضرورت جي ڳالهائڻ کان بچي، اهو شيطان تي غالب رهندو آهي. الله پاڪ اسان کي بہ گهٽ ڳالهائڻ، صرف ضرورت جي ڳالهہ واتان ڪڍڻ ۽ فضول بَڪ بَڪ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

یاربّ! نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں
اللہ زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
ہر لفظ کا کس طرح حِساب آہ! میں دوں گا
اللہ زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
(وسائل بخشش، صفحہ:93۔)

روزانو جون دعائون سکڻ جي لاءِ مدني پنج سوره، صفحي: 182 کان 227. پڙهي وٺندا، مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

سادگی چاہیے، عاجزی چاہیے
لینے یہ نعمتیں، قافلے میں چلو
عاشِقانِ رسول، آئے سُنّت کے پھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو
(وسائل بخشش، صفحہ:671۔)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد